پاڱو پهريون (گهڻ چونڊائتا سوال)

**سوال نمبر1: هيٺين جملن جا صحيح جواب چونڊيو.**

1. يثبتوا جي معنيٰ آهي:

(الف) هو آزاد ڪن (ب) هو قيد ڪن (ج) هو ملڪ بدر ڪن (د) انهن مان ڪوبہ نہ

2. ڪذاب جي معنيٰ آهي:

(الف) بيماري (ب) رواج (ج) عادت (د) فطرت

3. اعدوا جي معنيٰ آهي:

(الف) تيار ڪريو (ب) مڪمل ڪريو (ج) ٺاهيو

(د) مرمت ڪريو

4. زڪوات .......... عبادت آهي.

(الف) جسماني (ب) روحاني (ج) مالي (د) جسماني ۽ مالي

5. جهاد جي معنيٰ آهي:

(الف) محنت ڪرڻ (ب) پاڪ ڪرڻ (ج) قيام ڪرڻ (د) ايثار ڪرڻ

6. عائلي زندگي مان مراد آهي:

(الف) معاشرتي زندگي (ب) خانداني زندگي (ج) انفرادي زندگي (د) انهن مان ڪوبہ نہ

7. مومنن ڪي جڏهن الله تعاليٰ جون آيتون پڙهي ٻڌايون وڃن ٿيون تہ انهن جو .......... وڌي وڃي ٿو.

(الف) حوصلو (ب) ايمان (ج) عزم (د) انهن مان ڪوبہ نہ

8. زيد بن حارث رضہ .......... جو وات چيل پٽ هو:

(الف) حضرت خديجہ رضي الله تعاليٰ عنها (ب) حضرت علي ڪرم الله وجهہ

(ج) حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم (د) حضرت سلمان فارسي رضي الله تعاليٰ عنہ

9. حديث ۾ ڪنهن جي لاءِ ٻن خوشين جو ذڪر آيو آهي؟

(الف) نمازي جي لاءِ (ب) روزيدار جي لاءِ

(ج) زڪوات ڏيندڙ لاءِ (د) انهن مان ڪوبہ نہ

10. سورت الممتحنہ ۾ .......... آيتون آهن.

(الف) 11 (ب) 12 (ج) 13 (د) 14

11. قرآن مجيد جي حفاظت جو ذمو ڪنهن جي مٿان آهي؟

(الف) فرشتن (ب) الله تعاليٰ (ج) حضرت محمد صہ (د) انهن مان ڪوبہ نہ

12. علم جي معنيٰ آهي:

eduvision.edu.pk

(الف) سمجهڻ (ب) چاڙهڻ (ج) غور ۽ فڪر ڪرڻ (د) انهن مان ڪوبہ نہ

13. سورت الانفال ۾ مالِ غنيمت جي تقسيم جا .......... حصا ٻڌايا ويا آهن.

(الف) پنج (ب) ڇهہ (ج) ست (د) اٺ

14. جمعي جي ڏينهن وهنجڻ .......... آهي.

(الف) فرض (ب) واجب (ج) سنت (د) مستحب

15. وضو ۾ .......... فرض آهن.

(الف) ٻہ (ب) ٽي (ج) پنج (د) انهن مان ڪوبہ نہ

## حصو — ب (مختصر جوابن جا سوال)

نوٽ: هيٺين سوالن مان ڪن بہ 9 سوالن جا جواب ڏيو. هر سوال تي 04 مارڪون رکيل آهن.

سوال2: هيٺين عبارتن مان ڪنهن بہ هڪ عبارت جو مختصر مفهوم بيان ڪريو.

(الف) يَآيُّهَا النَّبِيُّ حَسْبُكَ اللّٰهُ وَمَنِ اتَّبَعَكَ مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ

(ب) يٰنِسَآءَ النَّبِيِّ لَسْتُنَّ كَاَحَدٍ مِّنَ النِّسَآءِ

سوال3: ڪافرن کي خطاب ڪندي سورت الانفال جي آيتن ۾ ڇا تنبيهہ ڪئي وئي آهي؟

سوال4: شرالدوآب مان ڇا مراد آهي؟

سوال5: سورت الاحزاب ۾ طلاق جو ڪهڙو خاص حڪم بيان ڪيو ويو آهي؟

سوال6: سورت الانفال جي پهرين رڪوع ۾ مومنن جون ڪهڙيون صفتون بيان ڪيون ويون آهن؟

سوال7: خيانت مان ڇا مراد آهي؟

سوال8: هيٺين مان ڪنهن بہ هڪ حديث سڳوري جو ترجمو لکو:

(الف) مَنْ صَلّٰى عَلَيَّ مَرَّةً فَتَحَ اللهُ بَابًا مِّنَ الْعَافِيَة

(ب) ليس منا من لم يرحم صغيرنا ولم يوقر كبيرنا

سوال9: فضائل قرآن تي نوٽ لکو.

سوال10: پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي اطاعت ڇو ضروري آهي؟

سوال11: حديثن جي روشنيءَ ۾ علم حاصل ڪرڻ جي اهميت تي نوٽ لکو.

سوال12: طهارت جا ڪهڙا فائدا آهن؟

سوال13: اولاد جي حقن ۽ فرضن جي باري ۾ توهان ڇا ٿا ڄاڻو؟

## حصو — ج (تفصيلي جوابن جا سوال)

نوٽ: هيٺين سوالن مان ڪن بہ 3 سوالن جا جواب ڏيو. هر سوال تي 08 مارڪون رکيل آهن.

سوال14: سورت الانفال ۾ تقويٰ جا ڪهڙا انعام بيان ٿيل آهن؟

edudivision.edu.pk

سوال15: غزوه احزاب ۾ آزمائش جي گهڙيءَ ۾ اهل ايمان ۽ منافقن جو ڪهڙو طرز عمل هو؟

سوال16: هيٺين حديث مبارڪ جو ترجمو ڪري مڪمل وضاحت سان تشريح لکو:

الراشي والمرتشي في النار

سوال17: زال ۽ مڙس جا هڪ ٻئي تي ڪهڙا حق آهن؟

سوال18: جهاد جا مختلف قسم بيان ڪريو.

eduvision.edu.pk